SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIII مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XXXIII OF 2001

## سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2001

## THE SINDH URBAN STATE LAND (CANCELATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance No.III of 2001
3. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment section 3 of Sindh Ordinance No.III of 2001
4. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment section 5 of Sindh Ordinance No.III of 2001

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIII مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XXXIII OF 2001

## سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2001

## THE SINDH URBAN STATE LAND (CANCELATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[25 آڪٽوبر 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 تحت تحليل ٿيل آهي؛

۽ جيئن ته گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل

ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽ، تبديليون ۽ متا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ ان کي 3 جنوري 2001 کان وٺي لاڳو سمجهيو ويندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance No.III of 2001

2. (1) سنڌ شهري، اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ متا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان ۾ لفظن "شهري سرڪاري زمين" جتي بہ اچن، لفظن "سرڪاري زمين" سان تبديل ڪيو ويندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment section 3 of Sindh Ordinance No.III of 2001

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 3 ۾، لفظن "رد ٿي ويندا" لاءِ لفظن "ان سلسلي ۾ ڪيل ڏيتي ليتي رد ٿي ويندي" کي متبادل بڻايو ويندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 5 جي ترميم

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 5 ۾، لفظ "ادا ڪيل" ۽ لفظ "ڪندو" وچ ۾ لفظن "۽ سمورين ذميوارين کان آجا آهن"

ڪي شامل ڪيو ويندو.

Amendment section 5 of Sindh Ordinance No.III of 2001

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**